
نظمن ڪي نئون ويسَ!
(شاعري)
ترجمو: نادر دايو

# نظمن ڪي نئون ويس !

(ترجما ڪيل نظم)

## ترجمو: نادر دايو

ڊجيٽل ايڊيشن
2020
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# ارپنا

انهن تخليقڪارن جي نانءُ،
جن جي تخليق مون کي متاثر ڪيو
۽
مون نظم ترجما ڪيا

## فهرست

سنڌ سلامت پاران
مهاڳ: نظمن سان نئون جهان جوڙي سگهجي ٿو — يوسف جميل لغاري
رايو: معاشري جو ماريل — عبدالحفيظ پٽي
رايو: نادر دايو جو ساراهه جوڳو ڪم — روشن شيخ
رايو: نظمن کي نئون ويس پارائي منظر عام تي آڻيندڙ نادر دايو — اظهر امر
مترجم پاران: جڏهن خواهشن کي نئون دڳ مليو هو — نادر دايو

## شاعرن جي فهرست

- گلزار جا نظم
- صفي سرحدي جا نظم
- پروين شاڪر جا نظم
- جاويد اختر جا نظم
- ارمان علي جو نظم
- جون ايليا جو نظم
- منير نيازي جو نظم
- عارف شفيق جا نظم
- سعيد احمد جو نظم
- مشتاق احمد يوسفي جو نظم
- عبدالحفيظ پٽيءَ جو نظم
- سيما عباسي جو نظم
- عئشا غازي جو نظم
- نامعلوم شاعرن جا نظم

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئو ڪتاب ” نظمن کي نئون ويس“ اوهان اڳيان پيش آهي. اردو ٻوليءَ جي شاهڪار نظمن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪرڻ جو هي سهرو نادر دايو ڏانهن وڃي ٿو.

شهداد ڪوٽ سان تعلق رکندڙ نوجوان تخليقڪار نادر دايي هن ڪتاب ۾ اردو ٻوليءَ ناميارن شاعرن گلزار. صفي سرحدي. پروين شاڪر. جاويد اختر، ارمان علي، جون ايليا ۽ منير نيازيءَ سميت ڪيترن ئي شاعرن جا نظم سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري شامل ڪيا آهن، جيڪا پڻ سنڌي ادب جي وڏي ڪاميابي آهي. ترجما ڪرڻ ۽ پڙهڻ اها تحقيق بين الاقوامي سطح تي سنڌي ادب کي هٿي وٺرائي سگهي ٿي. نادر دايي جا ترجما ڪيل نظم شفاف آئيني جيان آهن جن ۾ ماڻهو پنهنجي پاڻ کي ڏسي سگهي ٿو.

نادر دايي جو هي ڪتاب ڪنهن به اداري ناهي ڇاپيو، تنهنڪري هن پيار، پاٻوهه سک ۽ اکير مان سنڌ سلامت ڏانهن موڪليو آهي ته جيئن آن لائين اپلوڊ ڪري سيني سنڌين تائين پهچايون. پيارا نادر سنڌ سلامت ست ۽ فورم اوهان سان گڏ اوهان جي لکڻين کي به دلي موٽ ڏيندو. اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
Sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## مهاڳ

## نظمن سان نئون جهان جوڙي سگهجي ٿو!

هن وقت سنڌ اندر شاعري وڏي پئماني تي ٿي رهي آهي. جيتوڻيڪ شاعري جون سيئي صنفون دل لڀائيندڙ آهن تڏهن بہ نظم جي پنهنجي هڪ الڳ حيثيت آهي. جڏهن نظم پڙهيا ويندا آهن يا نظم ٻڌيا يا ٻڌايا ويندا آهن تہ اُنهي وقت نظم جي هر هڪ سُٽ سان گڏ دل جي دڙڪن هيٺ مٿي ٿيندي آهي ۽ انهي عمل ۾ ئي نظم جي حُسناڪي سمايل آهي. نظم ٻڌندڙ باقي ٻين سيني معاملن کان بي نياز ٿي ڪري پنهنجي پاڻ کي نظم جي لَهُوراين ۾ ارپي ڇڏيندو آهي ۽ اِها ارپنا سندس روح کي تازگي بخشيندي آهي. اسان جو دوست محترم نادر دايو بہ اُنهن ئي ماڻهن منجهان هڪ آهي جن پنهنجي پاڻ کي کُلي طور نظم ڏانهن ارپي ڇڏيو آهي. نظمن سان سندس اُٿاه محبت آهي ۽ اِنهي محبت کي مڃتا ڏيڻ لاءِ هُو مختلف شاعرن جي نظمن کي نئون ويس پارائيندو رهندو آهي.
سندس ترجما ڪيل نظم شفاف آئيني جيان آهن جن ۾ ماڻهو پنهنجي پاڻ کي ڏسي سگهي ٿو. اهل دل ماڻهن لاءِ هي سڄو سنسار هڪ جهڙو ئي هوندو آهي. سيئي قومون، ڪٽب توڙي قبلا انهي جا پنهنجا ئي هوندا آهن. سُڄاڻ ذهن نہ صرف انسانيت سان پيار ڪندڙ هوندا آهن پر انسانن طرفان جوڙيل هر هڪ شئي سان بہ پيار ڪندا آهن. انسان ۾ محبت جو جذبو فطري جذبو آهي. انسان جڏهن پنهنجي فطري صلاحيتن کي پرکي ڪري انهن مان ڪم وٺڻ لڳندو آهي تہ ڪيس خوش آئينده نتيجا ملندا آهن. شيخ اياز چواڻي:

مايوس نہ ٿي تاريخ ڪَنان جو ٿيڻو ئي هو سو ٿي ويو،
هي هَٿ هٿوڙا اَڄُ بہ اَٿي ۽ دنيا ڏاري ٿي سگهجي.

شاعريءَ جو هي مجموعو جيڪو هن وقت اوهان جي هٿن ۾ آهي، يقينن هڪ وڏي محنت ۽ چاه کان پوءِ ئي اوهان جي مطالعي جي ميز تائين پهتو آهي. هن مجموعي ۾ جيڪي نظم آهن سي اڙدو مان ترجمو ڪري اوهان جي پڙهڻ لاءِ پنهنجي ئي ٻولي ۾ نئين ويس سان پيش ڪيا ويا آهن. ترجمي نگاري بہ هڪ فن آهي ۽ سُنو ترجمو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو آهي جڏهن ماڻهو کي لاڳاپيل ٻولي تي سُٺي مهارت حاصل هجي. هي ڪم ٻولي جي بنيادن، اصولن ۽ سهٽي اسلوب کانسواءِ قطعي ممڪن ڪونہ آهي. شاعري تي ڪئين ڳالهائجي؟
شاعري تي ڇا لکجي ۽ ڪئين لکجي؟ اِهو تہ هڪڙو شاعر ئي بهتر نموني سان ٻڌائي سگهي ٿو چو تہ شاعري انسان جي جسم ۾ سندس رت سان گڏ گردش ڪندي آهي. سندس ڦڦڙن ۾ ساه سان گڏ اندر ۽ ٻاهر ٿيندي آهي. سندس اکين مان لڙڪن جي

صورت ۾ ٻاهر جلوه افروز ٿيندي آهي. سرهاڻ تي ڪري سندس نڪ وسيلي انسان جي جسم ۾ داخل ٿيندي آهي. ٻلا ٻاڻ ڪان شاعري ٻري تي ٻه ڪتي آهي. ماڻهو ته شاعراڻي انداز ۾ ڳالهائيندا آهن. شاعري کي ٻاڪرن ۾ ٻري ڪري ڪيس ڳل ڳرانيون پائيندا آهن."پروين شاڪر، خوشبو جهڙي شاعره " جي عنوان سان مهتاب هنجهڙو پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته " پروين شاڪر ارڙهن بهارون پهرين اسلام آباد جي سفاڪ شاهراهه تي هميشه جي لاءِ خوشبو بڻجي ويئي. پر اڄ تائين هُن جي شاعري ياد تازي ڪندي رهي ٿي. تڏهن تڏهن چيو هو ته:

مر ڀي جائون تو ڪهان لوگ ڀُلا ڀي دينگي،
لفظ ميري مري هوني ڪِي گواهي دينگي.

پروين جي شاعري کي هر طبقي جو ريڊر پسند ڪري ٿو، جيئن گهڻن ليکڪن کي صرف ڪو هڪ ڪلاس ئي ڪندو آهي، جيئن جگجيت ٻڌڻ وارن جو ڪلاس الڳ هوندو آهي ته غلام حسين عمراڻي کي ٻڌڻ وارن جو طبقو ئي وري الڳ هوندو آهي، ائين پروين جي شاعري ۾ اها شفا آهي ته هر طبقي جو پڙهندو آهي. رومانيت، جنس ۽ سماجيت جا سمورا پهلو هن جي شاعر جو حصو رهيا آهن، تڏهن ته هُن جي شاعري مان پيار ۽ احساس سان گڏ عجيب لطف اندوزي نظر ايندي آهي. رومانيت جي موضوع تي هن انتها درجي جي شاعري لکي. هيئن به چيو آهي ته:
هوا ني موسم بازارن سي سازشين ڪر لي،
مگر شجر ڪو خبر هي نهين شرارت ڪي.
هن پنهنجي شاعري ۾ڇئن مردن کي ڪلي طرح حصو بڻايو آهي، جنهن ۾ ڀاءُ، پٽ ۽ محبوب ۽ والد صاحب شامل آهي، انهن جو روايتي اظهار نه، هُن انهن جي ذات ۾ جيڪو ڪجهه پاتو آهي ان جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ ٻي هٻڪائي جي ڪري سندس سموري شاعري معتبر آهي جيئن هن پاڻ جيان سندس شاعري خوبصورت هئي/آهي، ائين سندن پڙهڻ جو انداز به فيض احمد فيض جيان ڪمال جو هوندو هو. مان اڪثر يُو ٽيوب تي پروين کي ٻڌندو رهندو آهيان. هُن جو پڙهڻ وارو انداز موسيقي بڻجي ويندو آهي. انهيءَ شيرواني ڪڙتي ۽ ڪليل وارن واري پروين جا خيال رومانس جي آخري حد تائين ويندا هئا. آخري دور واري شاعري ۾ هُن جي شڪست ۽ بوريت نظر اچي ٿي. جڏهن هُن لکيو هو:

اب ياد نهين ڪي زندگي مين،
مين آخري بار ڪب هنسي ٿِي!

هن جي شاعريءَ جو اصل موضوع پيار، رومانس ۽ احساس رهيو آهي. هن جا ڪتاب انڪار، خود ڪلامي، صد برگ، ماهه تمام ۽ ڪف آئينہ بيشڪ ناياب ڪتاب آهن پر "خوشبو" سڄي دنيا ۾ خوشبو جيان ڦهلجي ويو هو. انهيءَ مجوعي پروين کي شهرت جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو آهي. جنهن ڪتاب جي پهرئين پيج تي هن پنهنجي محبوب جي لاءِ لکيو آهي:

وه سايہ دار شجر،
جو مجهہ سي دور، بهت دور هي، مگر اسي کي،
لطيف ڇهاؤن،
سجل، نرم چاندني کي طرح،
ميري وجود، ميري شخصيت پي ڇائي هي!
وه مان کي باهون مانند مهربان شاخين،
جو هر عذاب مين مجهہ کو سميٽ ليتي هين،
وه ايڪ مشفق ديرينہ کي دعا کي طرح

محبوب جي پيار کي ماءُ جي شفيق ٻانهن سان ڀيٽيو آهي. اها هُن جي بي انتها محبت کي ظاهر ڪري ٿي. هُن ڪنهن کان ڪجهہ بہ لڪايو ناهي. جيڪو هُن محسوس ڪيو آهي اُهو هُن لکيو آهي. فيض احمد فيض ۽ گلزار کان پوءِ پروين شاڪر منهنجي فيورٽ شاعره رهي آهي. پروين پيار جي ترجمان شاعره هُئي، ان جي ڪري سندس ڪتاب "خوشبو" پريمي جوڙن ۾ وڌو مشهور ٿيو. نوجوان جوڙا هڪ ٻئي کي گفٽ ۾ "خوشبو" ڏئي کلي طرح اظهار ڪري وٺندا آهن ڇو تہ "خوشبو" مجموعو پيار جي اظهار ۽ اقرار جيان آهي". هن مجموعي ۾ محترمہ پروين شاڪر جا بہ ڪوڙ سارا نظم ترجما ڪري شامل ڪيا ويا آهن ۽ اُنهن سان گڏ صفي سرحدي، جاويد اختر سان گڏوگڏ اسان جي سنڌ جي سباجهڙي شاعره محترمہ خالده منير، محترمہ سيما عباسي سميت نئي ٿهي جي نوجوان انجنيئر عبدالحفيظ ڀٽي جا نظم بہ اوهان کي پڙهڻ لاءِ ملندا. مجموعي طور هن ڪتاب ۾ جيڪي بہ نظم آهن سي سڀئي شاهڪار نظم هجڻ سان گڏوگڏ پڙهڻ جهڙا نظم آهن.

**يوسف جميل لغاري**

# معاشري جو ماريل

سنڌي ادب ۾ آزاد نظم جي صنف اوائلي ادبي دور ۾ داخل ٿي پر ان کان اڳ ان کي ادب ۾ آڻڻ لاءِ ڪا خاص رٿا بندي نہ ٿي ملي ڇاڪاڻ تہ پابند نظم ادب جي مضبوط صنف آهي ۽ ان سان گڏ غزل بيت وايون چوسٽا ٽيڙو ها ئيڪا وغيره شامل هيا. آزاد نظم ادب جو مرڪز رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ آزاد نظم کي هڪ لفظ کان وٺي اڻ ڪٿ سٽن تائين گهاريٽي ۾ آڻي سگهجي ٿو. اسان جيڪا عام ماحول ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا آهيون سا بہ ون لائين آزاد نظم آهي ۽ ان سان گڏ موهن جي دڙي ۾ تختين تي لکيل ٻولي بہ آزاد نظم جي ضمري ۾ اچي سگهي ٿي. باقي رهي ڳالهہ ان جي ترجمي جي ان کي سمجهڻ لاءِ اڃان ڪم باقي آهي. آزاد نظم سهڻي ۽ خوبصورت صنف آهي جيڪا اڄڪلهہ هر اديب ان کي پنهنجي خيالن جي ذريعي ماحول ۾ ٿيندڙ خوشيون تڪليفون ناانصافيون معاشرتي مت ڀيد طبقاتي فڪر کي آزاد نظم ۾ آرام سان سمو ئي سگهجي ٿو پر ان ۾ ڳالهہ مقصد واري ۽ ڪلا ئيميڪس اثر انداز هجڻ شرط آهي.

آزاد نظم جي صنف کي ساهہ ۾ سانديي مسلسل جدوجهد ڪندڙ ڪيترا ئي اديب ۽ شاعرن طبع آزما ئي ڪري چڪا آهن جديد ادب ۾ هونءِ بہ اڄڪلهہ لکڻ ۽ پڙهڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي پر بي ترتيبي سان ان ئي سبب جي ڪري سرڪاري سطح تي بہ ڪا سرگرمي نظر نہ ٿي اچي ۽ ان جو اثر بين الاقوامي ڇاپيٽن يا ايوارڊ پروگرامن ۾ سنڌي ادب گهٽو پو ئتي رهجي ويو آهي. اسان جي سنڌ ۾ هر اديب شاعر وت وس واهر ذريعا ن هجڻ ڪري پنهنجي شوق جي شمع کي جلا ئيو اچن ٿا پر ڪيستا ئين ائين ادب ۾ پيدا ٿيندڙ نواڻ کي نت نئين قسم جو موت قسمت ۾ ملندو. اسان جي سنڌ ۾ هر هڪ تخليقڪار پنهنجي پنهنجي رستي ادب ۾ ڪم جاري و ساري رکي ٿو الائي ڪيترن اديبن جون تخليقون پليٽ فارم ن هجڻ ڪري وڃائجي وڃن ٿيون. پر جدوجهد جاري رکڻ سان ئي منزل کي مات ڏئي اصل مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو منزل تائين رسا ئي بہ صحيح آهي. پر علاما اقبال چيو آهي تہ ستارن کان اڳتي بہ دنيا آهي تہ دنيا اڻ ڪٿ منزل جو ميدان آهي. ان ئي ميدان ۾ آزاد نظم جي سر سبز لاءِ لوڙيندڙ نادر دايو بہ هڪ آهي.

نادر دايو سنڌ جي ان شهر سان تعلق رکي ٿو جتي ڪنهن بہ قسم جي ڪاب سهولت موجود ناهي سڄي زندگي لوڙهڻ سان بہ ڪابہ منزل يا مقصد ناهي ملندو هن شهر جا ڪيترا ئي فنڪار هنرمند غربت جي زندگي گهارڻ ڪري پنهنجي فن ۽ فڪر کي فنا ڪري پنهنجي ٻچن جي روزي ۾ مشغول ٿي ويا آهن پر نادر دايي وقت جي مناسبت سان هٽا وٽان ڪري پنهنجي سر مدد تحت شوق ذوق کي زندهہ رکندو آيو آهي مختلف معاملن کي منهن ڏيندي هن معاشري کي سمجهيو ۽ پروڙيو آهي. ادب ۾ هن کي ڏهن سالن کان وقت ٽپي هليو آهي پر ان ئي جاهہ و جلال سان محنت ڪندو رهي ٿو

شهدادڪوٽ شهر ۾ پيڙاهن جي پختگي هجڻ ڪري نادر دائي پنهنجي فن کي فنپاري ۾ جوڙڻ چاهيو پر جنهن اديبن سان سچي زندگي گذاري ڇڏي انهن وٽ ادب جي ڪرت هجڻ سان گڏ بي ادبي عروج تي هيئي ساڙ طبقاتي سوچ سان سلهاريل هجڻ ڪري نادر دايي مان ڪم نه ڪڍي ويا پر ڪيس ادبي گڻ يا سڪڻ واري مرحلي مان واقف ڪين ڪرايو جنهن جو هن معاشري جي ماريل نوجوان ۽ هڏڏوڪي اديب ۽ شاعر کي نقصان پهتو ۽ ان جو ازالو وقت ب ڪون ٿو ڪري سگهي ڇو ت وقت واپس ناهي ورندو ها اميد وقت جي آسري مرگ جي بستر تي زنده رهڻ جو اجايو اعلان ضرور ڪندي آهي ان ئي اجائي اميد ۾ هن پنهنجي ادب جي اميد ۾ ساهه گهوري ڇڏيو.
نادر دايي جو هي ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن پهريون ڪتاب آهي. ان کان اڳ هن جون ٻن شاعري جي گڏيل ڪتابن ۾ شاعري شامل آهي ۽ هڪ ڪتاب مرتب پڻ ڪيو آهي ۽ هي ڪتاب نظمن کي نئون ويس آزاد نظمن جو هڪ آزاد ۽ مڪمل ڪتاب آهي. جيڪو سنڌ جو هر اديب سنڌ سلامت ڪتاب گهر تا لاهي پڙهي سگهي ٿو هن ڪتاب ۾ دنيا جا مختلف سنڌي اردو ۽ انگريزي اديبن جا پنهنجي ٻولين جا نظم سنڌي ٻولي ۾ ترجما ڪيا آهن . جيڪا هڪ سنڌي ادب جي وڏي ڪاميابي آهي آئون يقين سان اها ڳالهه چوندس ته ترجما ڪرڻ ۽ پڙهڻ اها تحقيق بين الاقوامي سطح تي سنڌي ادب کي هٿي وٺرائي سگهي ٿي ڇو ته اسان عالمي ادب کان ڪوهه سون دور آهيو جنهن جو نقصان اڄ جي نوجوان کي ڀوڳڻو پوي ٿو اسان جي پراڻن اديبن ان ڳالهه تي خاص ڌيان ن ڏيڻ سبب سنڌ جو ادب ڪيترن ئي سالن کان ساڳي جڳهه تي موجود آهي. نادر دايي ان عمل کي جاري رکندي سنڌي ادب ۾ هي ڪتاب شايع ڪرائي هڪ قيمتي تحفو ڏنو آهي نادر دايي جي نظمن ۾ اصلي نظمن جي گهاريٽي کي پڻ نظر ۾ رکندي انهن جي خيال کي ساڳيو رکي سندس جي ڪلا ئيميڪس کي اثرانداز ڪري نظم جي ميدان جو مجاهد بڻجي چڪو آهي. آئون سندس جي آيل ڪتاب تي نيڪ خواهشن سان گڏ دل سان دعا ٿو ڪيان ت ان ادبي صنف سان گڏ ادب جي ٻين پهلوئن تي پڻ طبع آزمائي ڪرڻ گهرجي.

**سنڌ سلامت ساٿ سلامت**

**انجنيئر عبدالحفيظ پتي**
**شهدادڪوٽ**
03322016227

# نادر دايو جو ساراهه جوڳو ڪم

عرفان لُنڊ ڪھڙي ھنڌ لکيو ھو ته "ترجمو ڪرڻ پراوا ٻار پالڻ برابر آھي" سو ڪجھ دوستن پراوا ٻار پالي ڪري به ذھني ۽ دلي سڪون حاصل ڪندا آھن، اھڙن دوستن ۾ مانوارو نادر دايو پڻ اچي وڃي ٿو. نادر دايو ھن نندي ڄمار ۾ جيڪو ترجمن وارو ڪم ڪري رھيو آ، سو ڪم سچ پچ ته ساراھ جوڳو آھي. نادر دايي جا ترجمو ڪيل نظم مختلف وقتن تي سوشل ميڊيا تي نظرن جو مرڪز ٿيندا رھندا آھن، پر سوشل ميڊيا تي وري ڪافي شيون پڙھڻ کان رهجي ٿيون وڃن، ڇو ته ھڪ لالوءَ وارو لشڪر آ جيڪو صبح، منجھند، شام ان باڪس، واٽس اپ، ٽيگ توڙي ايس ايم ايس جي صورت ۾ الائي ڪھڙيون ڪھڙيون وبائون ٽا موڪلين، ان ڪري اھي وبائون پڙھڻ کان اڳي ئي ڊليٽ باڪس جي ور چڙھي ويندڙيون آھن ( ۽ گھٽو چتو ته وري جمعي مبارڪ جو سلام، گڊ مارننگ وارن به ڪيو آ ) پر نادر جا ترجمو ڪيل ڪجھ نظم جڏھن انباڪس ۾ ھڪ آڇر رات پڙھڻ لاءِ ملن ٿا ته آئون ننڊ کي پاسيرو رکي ڪري، ترجمو ڪيل نظم تان ننڊ قربان ڪيان ٿو، ۽ نادر جي محنت تي حيران ٿي وڃان ٿو ته ھن يارڙي کي عشق جو ڏڪ ناھوڪو لڳل آھي جو ھُنَ ھي ناھوڪي ھٿ ڪري وري انھيءَ ڪليڪشن کي سنڌي ويس پارايو آھي.

**روشن شيخ .خيرپور ميرس**

# نظمن ڪي نئون ويس پارائي منظر عام تي آڻيندڙ نادر دايو

هن وقت جتي ادبي حلقن ۾ نوجوان ڪي نظر انداز ڪيو پيو وڃي، هتي وري نوجوان اوترو ئي تيزي سان پنهنجون ادبي خدمتون سرانجام ڏيندا پيا اچن. ڪجهه وقت کان اُهو تاثر ڏنو پيو وڃي، هيترن سالن ۾ نوجوانن سنڌي ادب کي ڪو سنو ڪتاب يا ڪا سٺي تخليق ناهن ڏئي سگهيا. آئون سمجهان ٿو اُهو تاثر بلڪل غلط آهي. موجود وقت ۾ نوجوان تمام سنو، وڏي چاهه، جنون ولولي سان لکي رهيا آهين. اميد آهي ايندڙ وقت نوجوانن جو هوندو. هي وقت نوجوانن کي اڳتي آڻڻ جو آهي. هر نوجوان ٻئي نوجوان کي اڳتي آڻڻ ۾ همت افزائي ڪري اجان سنو لکڻ لاءِ اتساهه ڏي. ڪافي سينيئر دوستن جو اُهو خيال آهي، بلڪ ائين چوندا رهيا آهين، نوجوان گهڻا جذباتي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ جا باحث آهين. هنن جو اُهو خيال بلڪل صحيح آهي. نوجوان جذباتي آهين.. پر انهن جو اُهو تاثر بلڪل غلط آهي. ته نوجوانن سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ آندو آهي. آئون انهن اديبن کي چوندس تي منهنجا محترم اديبو اوهان تي نوجوانن نئين ٽهي جي لکندڙ کي ڪو موقعو فراهم ناهي ڪيو. ادبي شاخن کي سياسي استعمال طور هلايو پيو وڃي.. انهي ڳالهه کي گهرائي ڏي وڃي ويندس تي سڀ راز کولي پوندا. انهي لاءِ آئون ڪجهه لکڻ کان پاسيرو ٿي پياري نادر دايو جي ترجمو ڪيل نثري نظم جي ڪتاب تي پنهنجو تاثر لکندس.

موجود وقت ۾ احمد شاڪر، رشيد خاصخيلي، يوسف جميل کان ويندي ساقي عالم جان ڪنير تائين ڪافي نوجوان اهڙو ته سنو پيا لکن جنهن جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي نوجوانن جون ادبي خدمتون ڏسي انهي کان پوءِ منهنجا ٽڪ لهي ويندا آهين. هن مهل نادر جو ڪتاب (نظمن ڪي نئون ويس) پي ڊي ايف ۾ موجود آهي. جنهن جي ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ سندس ڪتاب تي ٻه اکر لکي رهيو آهيان. (نظمن ڪي نئون ويس) پارائي ڪتابي صورت ۾ آڻيندڙ نوجوان نادر دايو ٻه تمام سنو پيو لکي. سندس ترجمو ڪيل نظم ناليواري شخصيتن جا آهين. جنهن گلزار، صفي سرحدي، پرين شاڪر، جاويد اختر جا چوند نظم شامل آهين. سنڌ اندر ڪافي ڪتاب سنڌي ٻولي ۾ ترجمو ٿيا آهين. تن گهڻي ڀاڱي ناول آهن. منهنجي خيال ۾ شاعري جا ڪتاب ٻه اڳ ترجمو ٿيا هوندا ڪڏهن منهنجي نظر مان ناهن گذريا باقي مختلف ماڻهن جا هڪ اڌ نظم ترجمو ٿيل ڪتي پڙهيا آهين.

منهنجي نظر مان (نظم کي نئون ويس) شاعري جو پهريون ڪتاب آهي جيڪو گڏيل شاعرن جي نظم کي ترجمو ڪري منظر عام تي آندو ويو آهي. مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي جڏهن نادر مون ڏي ڪتاب موڪلي چيو پيارا منهنجي ڪتاب تي ٻه اکر اوهان لکي ڏيو. تڏهن نادر جي ترجما ڪيل نظم پڙهندڙ پڙهندڙ مون کي دلي طور ايتري خوشي ٿي جنهن جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي. مون کي خوشي تاثر لکڻ جي نه مون کي خوشي انهي ڳالهه تي ٿي ته نوجوان اڳتي نڪرن پيا نوجوان کي اڳتي اچڻ

گهرجي. ڇو جو نوجوان جنهن راهه تي هموار يا مسافري ڪري رهيا آهين انهي منزل تي ڪانوَ، ڪنڊا، ٻيون به خبر ناهي ڪيتريون رڪاوٽون موجود آهين.. خير نوجوان ڪي انهي جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي اهڙي منزل تان جڏهن گذر ٿيندو آهي، تڏهن تڪليف ضرور ٿيندي آهي.. جنهن ڪي برداشت ڪرڻو پوندو. هاڻي منزل پري ناهي، اُهو ڏينهن جلد ايندو اسان نوجوان هٿن ۾ هٿ ڏئي سڀ رُڪاوٽون هٽائي پنهنجي منزل تي پهچندا سين. (نظمن ڪي نئون ويس) ڪتاب ادبي حلقن ۾ پنهنجي هڪ الڳ جاءِ جوڙيندو.. آئون تمام گهڻو ٿورائتو آهيان پياري نادر دايو صاحب جو جنهن مون ڪي پنهنجي ڪتاب تي تاثر لکڻ جو موقعو فراهم ڪيو اميد اڳتي به نوجوان ادبي خدمتون سرانجام ڏيندو رهندو.

**اظهر امر ٽنڊو الهيار**
**سنڌ پاڪستان**
03103730010

پنهنجي پاران

# جڏهن خواهشن کي نئون دڳ مليو هو

زندگيءَ ۾ هڪڙي خواهش هئي تہ ڪو شاعري جو ڪتاب ترجمو ڪري منظر عام تي آڻيان. پر هميشه ڪنهن جو ساٿ نه ملڻ ڪري منهنجا ارمان پرزا پرزا ٿيندا رهيا. ڪڏهن به همت نہ هاريم نه همت هارڻ گهرجي، لڪجي، لکڻ گهرجي، هر اُهو نوجوان جيڪو ادبي حلقن ۾ پنهنجون ادبي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. اڄ جڏهن منهنجي ڪتاب "نظمن کي نئون ويس" لاءِ پنهنجي پاران لکي رهيو آهيان تڏهن اکيون آليون ٿي پيون آهين. منهنجون خواهشون ڪنهن ننڍڙي ٻار جي خواهشن جيان پنهنجي پائي تڪميل تي پهچي چڪيون آهين. منهنجو نثر وارو پاسو بلڪل به ڪچو آهي، نثر لکڻ لاءِ لفظن جو وسيع سمنڊ گهرجي ٿو. پر آئون جڏهن به قلم کڻي لکڻ لاءِ ويهندو آهيان تڏهن لفظ منهنجو ساٿ نڀا ڇڏين. آئون قلم کي پنن مٿان ڦيرائي گيرائي واپس رکي ڇڏيندو آهيان. اڄ جڏهن پنهنجي ترجمو ڪيل ڪتاب "نظمن کي نئون ويس" ۾ لکڻ لاء وينو آهيان، تڏهن جنهن هٿ ۾ قلم آهي اُهو هٿ بلڪل ٿڙڪي رهيو آهي. مون کي خوف تي رهيو آهي تہ ڪٿي ڪا غلطي نه ڪري وجان. مون پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي، مختلف شخصيتن جا نثري نظم سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري اوهان آڏو پيش ڪري رهيو آهيان. هاڻي فيصلو ادبي ميدان حوالي ڪيان ٿو.

آئون ٻين تي تہ گهڻو ڪجهہ لکي سگهان ٿو پر پنهنجي پاڻ تي لفظ به نٿو لکي سگهان، پنهنجن پاڻ تي لکڻ وارو ڪم منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي. آئون هن ڪتاب کي ترتيب تہ ڏئي چڪو هئس پر هن ڪتاب کي ڪمپوز ڪري منظر عام تي آڻڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ڪونہ هئي. هن ڪتاب کي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ سڀ کان پهريان ته نوجوان ٿهي جي بهترين لکندڙ ادبي حلقن ۾ تمام ننڍڙي عمر ۾ پنهنجو پاڻ مڃائيندڙ اظهر امر جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. جنهن مون کي اتساهہ ڏنو. ڪتاب کي ترتيب ڏئي منظر عام تي آڻڻ لاءِ همت افزائي ڏني. تنهن کان سواءِ اظهر امر منهنجي ڪتاب تي تاثر پڻ لکيو. تنهن کان سواءِ ڪجين جي شهر خيرپور ميرس جي بهترين شاعر دوست روشن شيخ جو بيحد ٿورائتو آهيان. جنهن منهنجي ڪتاب تي خوبصورت تاثرات لکي مون تي وڏي نوازش ڪئي آهي.

ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪان ويندي، ڪتاب جي مهاڳ توڙي ڪتاب جي ٽائيٽل تائين، ڪتاب کي ڇپائي راس ڪندڙ نوجوان يوسف جميل لغاري جو به بيحد ٿورائتو آهيان.

آئون ٿورائتو آهيان پياري ياءُ انجنيئر عبدالحفيظ پٽيءَ جو جيڪو هر وقت مون سان گڏ رهي ڪري ڪتاب بابت آگاهي ڏيندو رهيو آهي. اُن پڻ ڪتاب تي تاثرات لکي ڪري مون تي عنايت ڪري چڙي آهي. آئون پنهنجو پهريون ترجمو ڪيل ڪتاب اوهان آڏو آڻي رهيو آهيان. اميد ته هي ڪتاب ادبي حلقي ۾ وڏي چاهه سان پڙهيو ويندو.
آئون سنڌ سلامت ڪتاب گهر سٽ جو پڻ ته دل سان ٿورائتو آهيان جن جي مدد سان منهنجو هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

**نادر دايو**
**شهداد ڪوٽ**
03337529059

# گلزار جا نظم

مڪمل نظم

- نظم وڪريل آهن سيني ۾،
  شعر اٽڪيل آهن چپن ۾،
  لفظ ورق تي ويهن ئي ڪونہ ٿا،
  اڏرن ٿا پيا پوپٽن وانگي،
  ڪڏهن ڪان مان وينو آهيان جانا،
  سادي ورق تي لکي نالو تنهنجو،
  بس تنهنجو نالو ئي مڪمل آهي،
  ان ڪان وڏيڪ نظم ڇا هوندو.

- ڏس آهستي هل،
  اجان پيي آهستي هل،
  ڏسجان سوچي سمجهي پير رکجا،
  زور سان وجي نہ پئي پيرن جي آواز ڪاٽي،
  شيشن جا خواب آهن وڪريل تنهائي ۾،
  خواب ٽٽيا تہ ڪوئي جاڳي نہ پئي ڏسجان،
  ڪوئي جاڳيو تہ اتي خواب پيي مري ويندو.

## اسڪيچ

- ياد اٿئي،
هڪ ڏينهن ميز تي ويني ويني،
سگريٽ جي دٻي تي تو ننڍي،
هڪ ڪونڊي جو اسڪيچ ٺاهيو،
هو، اڃي ڏس ان ڪونڊي ۾ گل ڦٽيو آهي.

- هي رستو ايترو آسان
ڪونہ آهي
جنهن رستي تان هٿ ڇڏي ڪري
تون تنها اڪيلو نڪري پيو
آهين
ان پئو ۾ ڪاٿي رستو پلجي نہ وڃي
ان موڙ تي مان هڪ نظم بيهاري ڇڏيو آهي
اگر ٿڪجي پئين
۽ توکي ضرورت پئجي وڃي تہ
ان نظم جي آڱر پڪڙي واپس هليو اچجان.

- اڃان بہ ماچيس رکي ٿو؟
پهريان تہ منهنجي لاءِ رکندو هئين __ هاڻي؟
"هاڻي پنهنجي لاءِ رکندو آهين"
مطلب سگريٽ پيئڻ شروع ڪري ڇڏيا اٿئي؟
"نہ ۰ تو کان وسارڻ جي عادت ڪونہ وئي'
۽ مونکان رکڻ جي عادت ڪونہ وئي"

- هي رستو ايترو آسان
  ڪونہ آهي
  جنهن رستي تان هٿ ڇڏي ڪري
  تون تنها اڪيلو نڪري پيو
  آهين
  ان پئو ۾ ڪاٿي رستو پلجي نہ وڃي
  ان موڙ تي مان هڪ نظم بيهاري ڇڏيو آهي
  اگر ٿڪجي پئين
  ۽ توکي ضرورت پئجي وڃي تہ
  ان نظم جي آڱر پڪڙي واپس هليو اچجان.

- نالو سوچيو نہ هيم ڪڏهن پنهنجو
  جنهن کي بہ جنهن ئي آيو
  انهن تنهن ئي بس پڪاريو
  تون پاڻ هڪ موڙ تي اچانڪ جڏهن مونکي گلزار چئي آواز
  ڏنو
  هڪ سيپي مان کل ويو موتي
  مونکي هڪ معنيٰ ملي وئي
  جئين هاڻي منهنجو نالو خوبصورت آهي
  وري ان نالي سان پڪار تہ

# صفي سرحدي جا نظم

## نامعلوم گهر جي ڳولا

- اٽجاڻ رستي تي
  گاڏيءِ پچائيندي
  اڪثر وچ رستي تي بيهي
  مان سوچڻ لڳندو آهيان
  مونکي وڃڻو ڪاڏي هو
  ۽ مان آيو ڪاٿي آهيان
  پاڻ کان فرار ٿيڻ جي لاءِ
  مونکي پوٽرن نہ ملي رهيو آهي
  ڇا اٽجاڻ گهٽين ۾
  مونکي اڄ بہ فقط
  ان جي گهر جي تلاش آهي
  مگر اهو لازمي تہ ناهي
  جو ان جي گهر ۾ بالڪوني هجي.

- آخري شام جو رنگ ڪجهہ هلڪو آهي
  منهنجي گٽار ۾ جان نہ رهي آهي
  مان هاڻي اهو ئي پراڻو گيت
  گهڻي دير تائين ڪونہ ڳائي سگهندس
  جنهن ۾ گارين جو رس مروڙيو ويو آهي
  مان پنهنجي ناڪامين ۽ محرومين کي هڪ ڪاغذ تي منتقل ڪرڻ
  کان پوءِ

ان تي پيشاب ڪرڻ چاهيان ٿو
مان آخري سيٽ جو مسافر آهيان ڇا ٿيو جو مان دروازي کان پري آهيان
ايمرجنسي جو دروازو بغل ۾ آهي
مان آخري وصيت ۾ ساڙي ڇڏيندس
مونکي بعد ۾ ۾
کنهن جي مدد ڪونہ کپي
ڇا اها ڳالهہ ايتري مشڪل آهي
جو ڪنهن کي سمجهہ ۾ نہ اچي
مان سڀن کان مختلف آهيان
اڪيلو مرا تہ بہ ڪنهن کي فرق پوندو
منهنجي حالت
ان شخص کان تہ بدتر ناهي
جيڪو پنهنجي زال کي طلاق ڏئي
ننڍ جون گوريون وٺي سمهي ٿو
مان ۾ تہ هاڻي سمهڻ چاهيان ٿو
مان سمهي پيل خدا کي ڇڏيو آهي
مونکي سمهڻ کان پوءِ ڪونہ جاڳائي
مان پهريان ۾ ڏاڍو جاڳي چڪو آهيان

- زندگي جي بس هر اسٽاپ تي بيهي رهي آهي
اسان اجان ڪيترن ماڻهن کي الوداع چونداسين
اڳتي هلي ڪوئي ۾
هي سوچڻ جي لاءِ تيار ڪونہ آهي
اگر ڪنهن اسٽاپ تي اسان کي لاٿو ويو

تہ اسان ان نامعلوم اسٽاپ کان
ڪنهن طرف هلنداسين
اسان جو ٽڪاٽو ڪهڙو هوندو
ڇا اسان کي ڪوئي پيي ونڻ ڪونہ آيو هوندو
ڇا اسان کي گڏجي هلڻو پوندو
ڇا اسان جي منزل گمشده قرار ڏني ويندي
ڇا اسان کي ڪوئي رستي ويندڙ
نہ ملندو
جيڪو اسان کي رستو سمجهائي سگهي
يا اتان جي ڪوئي مستقل رهائش
اسان کي پاڻ سان گڏ رهائڻ جي لاءِ تيار هوندو
مان نٿو ڄاڻيان
جڏهن بس جو ڊرائيور اڪيلو رهجي ويندو
تڏهن هو پاڻ ڪاڏي ويندو
ان سان گڏ تہ ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ اسان هياسين.

- ڪائي ڳالهہ ناهي

اسان کي اڳتي وڌڻ کان
هاڻي ڪير روڪي سگهندو
مان هاڻي روز
توکي ڪونہ ڏسي سگهندس
ڪاٿي پيي تون نظر اچين
تہ خاموشي سان گذري ويندس
مان ڪجهہ ڪونہ چوندس
پر ڪيترا ڏينهن

تون پنهنجي مڙس سان گڏ
موٽر سائيڪل تي
چنبڙي ڪري ويهي سگهندين.

- انقلاب جي ناڪامي واري
رات اسان آخري
دفعو ملي رهيا آهيون
ان جي گود ۾ سر رکي
ريڊيو تي ليڊر جي سرنڊر
ٻڌي مان سمجهي ويس
محبوبا جو بستر
انقلاب کان وڏو آهي.

- مان رات جي تنهائي ۾
اڪثر جاڳي پوندو
آهيان
۽ ڊڄي پوندو آهيان
گهر ۾ ماءُ پيءُ نه رهيا
ٻار پنهنجي زالن جا ٿي ويا
زال ويچاري به مري وئي
۽ منهنجون لاچار بيوس
ڌيئرون ظالم مڙسن جي قيد ۾ آهن
دوستن کان کهڙي غلا ڪيان
مون وانگر انهن جو به اهڙو ئي حال آهي
هاڻي ته موت کان به اطمينان آهي.

- تون رن زال آهين
پر پوءِ ٻي مان توکي چاهيندو
آهيان
اهو متان سمجهين ته
تنهنجو ڪوئي نه آهي
تون پريشان نٿي جا
بس سماج کي مرڻ ڏي تڏهن
اسان کي برو ڀلو ڪوئي
چئي نه سگهندو.

- آخري خواهش
مان ڪينسر جي آخري اسٽيج تي آهيان
شروع ۾ جو ڊاڪٽر مسڪرائي
ملندو هيو
اڄ اهو پرسان بيهي نٿو
خاموشي سان اڳيان گذري
وڃي ٿو ۽ وارڊ ۾ برٿي نوان مريض
مونکي ايئن ڏسندا آهن
ڄڻ ته هاڻي مان لاعلاج تي
ويو هجان
اڄ ان جو مسيج آيو هو
منهنجي آخري خواهش پڇي
رهي هئي
مان ان کي لکيو توکي ڀاڪر

پاڻٺو آهي
مان اڄ شام مري ويندس ته
سنو لڳندو
ان جواب ۾ لکيو آهي
سوري اڄ ڪنهن جي
نڪاح ۾ آهيان.

- مان ڏياتي ڪي ڏاج ۾
بنگلو ڏنم
پٽن کي عاليشان فليٽس
ڏنم
مان پاڻ محل جهڙي گهر ۾
رهيم
مان پنهنجي محبوبا کي
سوئمنگ پل وارو فارم هائوس
ڏنم
پر آخريت واري زندگي
گزارڻ لاء ٻه گز زمين
ٻه خريد ڪو نه ڪري
سگهيس گنجان شهر جي قبرستان
۾ گنجائش بلڪل ٻه
ڪو نه آهي
پر منهنجي پٽن جڳاڙ
ڪري هڪ مزدور جي قبر
خالي ڪرائي آهي.

- نہ پڇ يقين رک
  توتي کھاٽي لکڻ جي
  نوبت کو نہ ايندي
  تون بار بار
  بيڪار پڇين ٿي
  ڇا تون جدائي چاهين
  ٿو
  کھاٽي  تہ جدائي
  کان پوءِ جنم وٺندي آهي.

- رات گھٽي جي لائيٽ جي
  روشني ۾
  هڪ کيولي رزق ڳولي
  رهي هئي
  پر مان فٽ پاٿ تي وينو
  پني رهيو هيس

## پروين شاڪر جا نظم

- تڪليفن جا تمام تير
منهنجي رڳن ۾ هٽي
هو وڏي چاهه سان پڇي ٿو
تہ
تنهنجي اکين ڪي
ڇا ٿيو آهي؟

- مان سڄي عمر
ڪنهن مندر ۾ قدم نہ رکيو
پر جڏهن کان
تنهنجي دعا ۾
منهنجو نالو شريڪ ٿيو آهي
تنهنجي چپن جي حرڪت تي
منهنجي اندر ۾ اداسي جي سفيد
بدن ۾
گهنٽيون وڄنديون رهنديون آهن!

- مان ڇو ان کي فون ڪيان
ان جي پي تہ علم ۾
هوندو
ڪالهہ شب موسم جي
پهرين بارش هئي

- ايڏي سٺي موسم ۾
رسڻ چڱو ناهي
هار ۽ جيت جون ڳالهيون
سياڻي تي ٿا
ڇڏيون
اچ اسان دوستي ڪيون

- دعا ته خبر ڪانه
آهي
ڪهڙي پيا گهرون
ذهن ۾ ناهي
بس ايترو ياد آهي
ٻئي هٿ پاڻ ۾
مليل هئا
جنهن ۾ هڪ هٿ
منهنجو هيو
۽ ٻيو
هٿ تنهنجو هيو.

# جاويد اختر جا نظم

- ڏک ڪپندا آهن
  بازارن ۾
  ڏک ڪافي مهانگا ڪپندا آهن
  لهجي جي دڪان اگر هلي پئي ته جذبي جي ڳائيڪ
  نندا وڏا هر ڏک جا رانديڪا
  دل سان لڳل قيمت ۾ خريد ڪيا
  مان
  هردم پنهنجا ڏک سئي قيمت ڪپايا آهن
  پر جيڪي ڏک مونکي اڄ مليا آهن
  ڪنهن به دڪان تي رکڻ جا قابل
  ئي ڪونه آهن
  پهريون دفعو مان شرمندا آهيان
  هي ڏک ڪپائي ڪو نه سگهندس.

- ڏک ڪپندا آهن
  بازارن ۾
  ڏک ڪافي مهانگا ڪپندا آهن
  لهجي جي دڪان اگر هلي پئي ته جذبي جي ڳائيڪ
  نندا وڏا هر ڏک جا رانديڪا
  دل سان لڳل قيمت ۾ خريد ڪيا
  مان

هردم پنهنجا ڏک سني قيمت ڪپايا آهن
پر جيڪي ڏک مونکي اڄ مليا آهن
ڪنهن بہ دڪان تي رکڻ جا قابل
ئي ڪونہ آهن
پهريون دفعو مان شرمندا آهيان
هي ڏک ڪپائي ڪو نہ سگهندس.

# خالده منير جا نظم

- جنهن گهر جو ٽيو آ در بند
ان گهر جي در ۽ ڀت جي
وحشت نہ پڇ
جنهن گهر جي ڀت تي
ٽيڪ ڏئي ڪري ڪيترائي ڪلاڪ
مستقبل جا سهڻا خواب
ڏسندي هيس ڪڏهن
ان ڀتن جو سور نہ پڇ
جنهن اڱواڙي ۾ کيڏندي کيڏندي
ماءُ جي هنج ۾ لڪندي هيس
ان اڱواڙي جي اڪيلائيپ نہ پڇ
ڪلندي ڪلندي تنگ زندگي جي
جيئڻ جو گڻ سيکاريندي هئي
اندر ئي اندر ڪيترا درد
سهندي هيس نہ پڇ
منهنجي رستي ۾ جيترا ڪنڊا آيا
مون ڪان پهريون ئي
پنهنجا پير ان تي رکندي هيس
ان ماءُ جي وڇڙڻ جو
دوست هاڻي ڏک نہ پڇ .

- مون ۾ سپ رنگ
تو کي بي ترتيب ملندا

زندگي جي ڪينواس تي
وڪريل مان اها تصويرون آهيان
جيڪي ڪنهن کي بہ سمجھ ۾ ڪو نہ ايندي
اهڙي گجھارت آهيان
آء ڪيڏي بيدردي سان جيئندي آهيان
زندگي مون ۾ دانهيندي آهي
اندر ۾ هڪ باھ مچيل آهي
من ۾ باھ جا پڙڪا
مون ۾ اپرندا آهن
مونکي زهر ڏيندي تنهنجا
هٿ ڏڪي رهيا آهن
هي اها امرت آهي جنهن تي
مان ورهين کان زنداھ آهيان
پڇين ٿو تون تہ
ڪهڙي عورت آهيان تہ ٻڌ
مان تجريدي آرٽ جهڙي عورت آهيان.

## ارمان علي جو نظم

- ٻڌ ڪم آهي تو ۾
ڪاٿي آهين تون؟
ميسيج جو جواب تہ ڏي
تون اسپتال ۾ ئي آهين نہ
ڪنهن مريض کي انجڪشن هڻي رهين آهين ڇا
جو منهنجي مسيج جو جواب نٿي ڏي
ٻڌ
مون وٽ اڄ
بيئر پيئڻ لاءِ پيسا ڪونہ آهن
ڇا تون پنهنجي اسپتال مان
منهنجي لاءِ کنگ جو شربت چورائي کڻي ايندي؟
مان اڄ رات ان مان ئي ڪم هلائيندس
ان بوتل جي بدلي تنهنجي نالي
هڪ بي نظم لکي ڇڏيندس.

# جون ايليا جو نظم

- نشو چانهہ جو
  ڪٽيون مينهن جون
  مهينو فيبروري جو
  نوڪرون دنيا جون
  ۽ ڏک صرف تنهنجا.

# منير نيازي جو نظم

- ڏک پيي هيو ان کي
شادي جو
خوش پيي آهي هو
ڏسو ڪيتري
پنهنجي گهر جي صحن
۾
ديوارن تي سر سبز شاخون آهن
ان جي مٿان
تارا بہ آهن
سڀن کان مٿي کليل آسمان بہ آهي
۽ان جا نظارا بہ آهن

# عارف شفيق جا نظم

- اڄ تائين آسمان کان
زمين تي ڪتاب لٿا آهن
مان زمين جو شاعر آهيان
منهنجي خواهش آهي تہ
هڪ ڪتاب زمين کان
آسمان تي پڻ لهي
ڇو تہ
آسمان وارا پڻ سمجهي سگهن تہ قيامت کان پهريان
زمين تي ڪيتري قيامت
گذري چڪي آهي.

- پنهنجي ذات
پنهنجي گهر
پنهنجي مذهب
پنهنجي تهذيب
۽ پنهنجي قبيلي جون
ديوارون ايتريون بہ مٿي نہ
ڪيو
جو سڄي دنيا کا
اوهانجو رابطو ڪٽجي وڃي!

# سعيد احمد جو نظم

- هن آسمان جي طرف ڏينو
  ۽ نظرون بدلائي
  ڇيو؟
  مان نٿو چاهيان تہ
  اسان جون نظرون پاڻ ۾ ملن

# مشتاق احمد يوسفي جو نظم

- مرزا چوڻ لڳو "يوسفي! اھو تہ ٻڌايو عورت جي ڪشش ۽
  زمين جي ڪشش ۾
  ڪھڙو فرق آھي؟
  عرض ڪيم ڪوئي خاص فرق ڪو نہ آھي
  ٻنھي کي خاڪ ۾ ملائيندا آھن

# عبدالحفيظ پٺي جو نظم

- ڪائنات جو هر
هڪ ذرو رنگين آهي
پر دل سين جي ويران آهي
ڪاٿي تون ٻي
اجڙيل چمن جو نواب
تہ نہ آهين!

# سيما عباسي جو نظم

- تو کي وسارڻ جي
  هر ممکن ڪوشش ڪئي آ
  مگر تنهنجون يادون پيي
  تو جيان دغا ڏيڻ ۾
  ماهر ٿي ويون آهن.

# عئشا غازي جو نظم

- مينهن جي سنهڙين ڪٽين

ﮬ پڃي اسان
ان منظر جو حصو ﺗـ
ٻٽجي ٿا سگهون
پر
ان موسم جو نـ.

# نامعلوم شاعرن جا نظم

- بليڪ وارنٽ تي سهي
ڪرڻ کان پوء
ان کان آخري خواهش پڇي وئي
تہ ان چيو:
اها آخري رات
پنهنجي جلاد سان گڏ جاڳڻ چاهيان ٿو
فاسي جي گگ انڌاري ۾
جڏهن هوا محبت جو قسم کائي
رهي هئي
۽ پکي پنهنجي نشيمن ۾
ڏکي رهيا هئا
انڌائي ڪوٺي جو ڏورو دروازو
کليو
۽ ان ۾ محبوبہ داخل ٿي
بئي ڏينهن جلاد جيلر کان اجازت
ورتي
چيو:
صاحب ! اسان ڪيسيتائين
لاشن کي فاسي ڏيندا
رهنداسين.

- تنهنجو خيال آهي

تون مونکي بي پناهہ شدت سان
چاهين ٿو
تنهنجي چاهت
وصال جي آخري حدن تائين
منهنجي فقط منهنجي نالي ٿيندي
مونکي يقين آهي مونکي يقين آهي
پر قسم کڻڻ واري ڇوڪري تنهنجي اکين ۾ هڪ تر آهي

- رات جو نائين بجي

يارنهن آڪٽوبر جي ڏينهن
ويران رستي جي ڪناري
هڪ پوڙهي وڻ
ڇيو
ڪجھ ڳالهيون ڪيو
تنهائي آهي ۽ خاموشي بہ
مون وٽ ڳالهيون ڪرڻ لاء هيون
پر وقت نہ
هڪ موبائيل جي ڪميرا هئي
ان تنهائي کي محفوظ ڪيو
ماڻهن جي تنهائي تائين
پهچڻ جي لاء

- منهنجي دل مري وئي آ
مان دل کي دفنائڻ
چاهيان ٿو
پر!
دل جو قبرستان ڪاٿي
هوندو آهي
دل ته آهي ئي ڪافر
ان کي ته ساڙيو ويندو
آهي
سڙندڙ دل جي دانهه
نڪرندي
پر تون ثابت قدم رهجان
دل کي سڙڻ ڏينجا
پوءِ دل جڏهن مڪمل سڙي
خاڪ ٿي وڃي
ته!
تون ان خاڪ کي يار
جي رستي تي رکي اچجان
چو ته دل جي روح کي
اتي ئي قرار ملي ويندو

- جڏهن ڪان تون هلي
وئين آهين
ڪنهن بہ مون سان تنهنجي ڳالھ ناهي
ڪئي
پر هوا جڏهن گزري رهي هئي تہ مان تنهنجي نالي
چيو
۽ هڪ شخص مري رهيو
هو ان جي سامهون پيي
تنهنجو نالو ڪيون
منهنجي پياري! اگر تون
زندا هوندي تہ ڪنهن ڏينهن هوا جو گذر تنهنجي پاسي ڪان ٿيندو
۽ اگر مري وئي آهين تہ
ان شخص جو روح
تو کي ٻڌائيندو تہ
مون کي تون اڃان پيي
ياد آهين.

- اڳلي سال جي آخر ۾ پيي
حيرت ۾ اسان ٿئي هياسين
هڪ مان هيس
بي تنهائي هئي
۽ ٿيون بي درد ڊسمبر هيو

- ميخاني کان پڇيو؟

اڄ ايتري خاموشي ڇو آهي

چيائين صاحب

رت جو دور آهي

شراب ڪير ٿو پيئي

- تنهنجي قبر تي جنهن

تنهنجو نالو لکيو آهي اهو

ڪوڙو آهي

تنهنجي قبر ۾ مان دفن آهيان

تون مون ۾ زندا آهين

ڪڏهن ٽائيم ملئي تہ فاتحہ پڙهڻ اچجان

- زندگي چاهي

سمجهڻ لاء

زنده رهڻ وڏو ضروري آهي

پر اڄ تائين ڪوئي رهيو تہ ناهي.

- ڪڏهن ٽائيم ڪڍي اچ

۽ منهنجي اکين کي غور سان

ڏس ۽ ٻڌا تہ ڇا توکي انهن

اکين ۾ ڪوئي بہ

ڏک نظر نٿو اچي

- چئو
اگر ڪنهن ڏينهن مان توکي
پکڙيان
۽ پوءِ تنهنجي پيرن جي ترن
کي چمي ڏيان
ته چا تون ڪجهه دير منڊ ڪايُي
هلندي
چو ته ڪاٽي منهنجي چمي کي
ڌاهي نه ڇڏين

- ايترو مهنگو پڪل آنو
وڏي ٽڏ اڏ ڪپڙا
هڪ غربت جو ماريل ڇوڪرو
پڪل آنا کپائي رهيو هو
ٽنريل آواز جڏهن ان جي منهنجي ڪار جي اندر آئي
مان جو وڏي ٽڏ ۾ ڪوٽ پهري پنهنجي ڪار ۾ هيٽر جي اڳيان وينو
هيس
مان پيي هڪ پڪل آنو
گرم فضا ۾ ويهي کاڌو هو
جيڪو اهو پيارو ڇوڪرو
ٿڌي هوا ۾ رستي جي ڪناري
ڏڪندڙ هٿن سان ڇليو هيو
پيسا ڏيندي ڏيندي مان
ان ڇوڪري کي غور سان ڏٺو
وڏي ٽڏ اڏ ڪپڙا

اف
نيرن چپن وارو ڇڪرو
ٿڌي هوا ۾ ڏڪي رهيو هيو
مان ان جي حالت ڏٺي
۽ چيو تہ پٽ تون ڀي
هڪ آنو ڪائي چڙ ڇا ٿيندو
ان چيو تہ توبہ انڪل
ويهن روپين جو مهنگو آنو
مان ڪيئن ڪائي سگهندس

- بليڪ وارنٽ تي سهي
ڪرڻ کان پوء
ان کان آخري خواهش پڇي وئي
تہ ان چيو:
اها آخري رات
پنهنجي جلاد سان گڏ جاڳڻ چاهيان ٿو
فاسي جي رات' گگ انڌائي ۾
جڏهن هوا محبت جو قسم کائي
رهي هئي
۽ پکي پنهنجي نشيمن ۾
ڏڪي رهيا هئا
انڌائي ڪوني جو ڳورو دروازو
کليو
۽ ان ۾ محبوبہ داخل ٿي
بئي ڏينهن جلاد جيلر کان اجازت

ورتي
چيو:
صاحب ! اسان ڪيسي تائين
لاشن کي فاسي ڏيندا
رهنداسين

- شاعر
ڪيڏا ڪاريگر آهن
اميد جي وٽن مان
لفظ ڪٽيندا آهن ۽ ڏاڪڻيون
ٺاهيندا آهن
ڪيڏا هنر مند آهن هي
ڏکن جا ٻج هوندا آهن
۽ دلن ۾ خوشين جون ٻنيون پوکيندا آهن
ڪيڏا ناهيندڙ آهن هي
وقت جي سمنڊ ۾ ٻيڙيون ٺاهيندا آهن
پاڻ ٻڏي ويندا آهن

- مان جڏهن چوندس هيس،
مونکي تو تي ڪوئي بہ ڪتاب ناهي لکڻو،
تون ڪاوڙ ۾ چوندي هئين،
پوءِ مون تي لکيل هي تمام نظم،

ساڙي ڇو نٿو ڇڏي،
تون ڪراچي ۾ رهندو آهين نہ،
وچي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇو نٿو ڇڏي،
هي ڊائري هي ورق،
ڪنهن گند ڪٺڻ واري ٻار کي خيرات ڪري ڇڏ،
مونکي امر نٿو ڪري سگهي تون،
ڪنهن ٻار جو ڀلو ڪري ڇڏ منهنجي جان!
تون ايترو جلد باز ڇو آهين،
تون منهنجي پوري ڳالھ نٿو ٻڌي،
منهنجي هي تمام نظمون،
جيڪي مون تنهنجي نالي لکيون آهن،
ڪجھ سال بعد،
محبت جي منڪر قوم ۾،
مقدس ڪتاب ٿاهي لاٿو ويندو.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](https://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book